MONTHLY WAIJ KARACHI

وڻن ويهن وٽ، جي سِڪين تہ سَڪمو ٿيون (شاهہ)

ABC CERTIFIED

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT



MAGENTA

# غيرضروري دوائون

اسانجي ملڪ ۾ طاقت جي دوائن جو رجحان ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، انهن دوائن ۾ خون وڌائڻ جون نام نهاد دوائون، بک لڳائڻ جون دوائون، غير ضروري استعمال ٿيندڙ وٽامنس ۽ ڪيتريون نان فارماسيوٽيڪل يعني هربل ۽ بايوڪيمڪ جو ليبل لڳل دوائون مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ عام جام موجود آهن. انهن دوائن جا ڪهڙا فائدا آهن، تن کي گهٽ ۾ گهٽ هر ڊاڪٽر ضرور ڄاڻي ٿو، پر تنهن جي باوجود ڊاڪٽرن پاران انهن دوائن جو نسخو وڏي پيماني تجويز ڪيو وڃي ٿو.

اصولي طور تي هڪ صحتمند فرد ۾ خون ۽ ان جا جزا دوائن کائڻ سان نه پر ڪاڌي خوراڪ سان وڌندا ۽ ٺيڪ ٿيندا آهن، رهيو سوال بيمارن ۽ مريضن جو ته انهن ۾ ڪا دوا سڌو سنئون خون ڪونه وڌائيندي. دوا سان صرف انهن جي مختلف بيمار سرشتن کي صحيح ڪري سگهجي ٿو، جيڪي بعد ۾ خون جي تياري ۽ واڌ ۾ لڳي ويندا آهن، بک نه لڳڻ جا به اڪثر ڪري جسم ۾ مختلف سبب هوندا آهن، جيئن پريشاني، ڊپريشن، ڪم جو وڌيل لوڊ، ننڊ نه اچڻ، هاضمي جي سرشتي توڙي Motilty جو صحيح ڪم نه ڪرڻ وغيره. اصولي طور ڪنهن به بيماري جي علاج لاءِ ان بيماري جا سبب ڳولهي انهن جو علاج ڪرڻ گهرجي ۽ گهٽي ڀاڱي علاج سان جڏهن اهڙي مرض جا سبب ختم ٿي ويندا آهن، ته مرض خود بخود صحيح ٿي ويندو آهي.

اسان وٽ اهڙين خون پيدا ڪندڙ دوائن توڙي بک لڳائيندڙ ۽ طاقت جي دوائن جي وڌيڪ وڪري لاءِ ڊاڪٽرن کي ڪجهه مخصوص فائدن جي آڇ ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ مختلف تحفا تحائف، سيرو تفريح ۽ ڪاڌي جون دعوتون شامل هونديون آهن. ڊاڪٽر صاحب اهي تحفا وغيره وٺي ۽ عام ماڻهن کي هرو ڀرو اهڙيون دوائون تجويز ڪندا آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ته صحت سڌارڻ بدران پنهنجا اگرا اثر به ڏيکاريندي آهن.

اسان سرڪار نامدار کان گهر ڪنداسون ته اهڙين غيرضروري دوائن جي تياري ۽ وڪري تي فوراً ضابطو ڪري ۽ ڊاڪٽرن کي اپيل ڪنداسون ته غريب ۽ اڻڄاڻ عوام جو اهڙين دوائن جي سلسلي ۾ هرو ڀرو خرچ نه ڪرائين.

-ادارو

انهن مخصوص شڪايتن کان علاوه ٻيون علامتون پڻ ٿي سگهن ٿيون، مثلاً مٿي ذڪر ڪيل نفسياتي يا جذباتي علامتون جيڪي اصل ۾ نامرديءَ جو ڪارڻ هجن. ٻيون تنتي (Neurological)، ميٽابولڪ (Metabolic)، يا غدودن (Endocrine Glands) جي خرابين جون علامتون پڻ ملي سگهن ٿيون، مثلاً Hypogonadism جون علامتون، يعني مرداڻي رطوبتن جي گهٽتائي جي ڪري مرداڻي مخصوص عضوي جو صحيح نه وڌڻ ۽ مرداڻين نشانين جي گهٽتائي يعني مرداڻي عضوي ۽ خصين جو ننڍڙو رهجي وڃڻ، ڏاڙهي مڇ نه اچڻ يا گهٽ اچڻ، آواز جو هلڪو (زنانو) ٿيڻ وغيره. اهي نشانيون هارمون جو ماهر (Endocrinologist) هڪدم سڃاڻي وٺندو آهي.

سٿرن يا ڄنگهن ۾ جيڪڏهن هلڻ سان سور پئي (Claudication) ته اها علامت شريانين يا رت جي نالين (Vascular Causes) جي سببن کي ظاهر ڪري ٿي.

نفسياتي ۽ جسماني سببن جي فرق کي واضح ڪرڻ تمام ضروري آهي، جيئن ته ٻنهي جو علاج بلڪل مختلف آهي. اهو فرق گهڻو ڪري ان مهل ئي واضح ٿي ويندو آهي، جڏهن مريض پنهنجي ڪيفيت تفصيل سان ٻڌائيندو آهي يا وري جڏهن ڊاڪٽر ان جو معائنو ڪندو آهي.

نفسياتي سببن ۾ جيتوڻيڪ مريض مخصوص حالتن ۾ نامرديءَ جي شڪايت ڪندو آهي، پر رات جو يا صبح جو يا وري 24 ڪلاڪن ۾ ڪنهن به وقت سختي اچي ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مشتزني جي وقت ڪنهن جنسي ساٿي، يا ٻي زال، يا جنسي ميلاپ شروع ڪرڻ کان اڳ سختيءَ جو پيدا ٿيڻ جسماني سببن کي رد ڪري ٿو ۽ ان جو مطلب آهي ته نامردي نفسياتي آهي. يا وري حياتيءَ جي ڪنهن موڙ تي ڪنهن خاص دردناڪ واقعي ڪانپوءِ جيڪڏهن نامردي پيدا ٿئي ته اها نفسياتي آهي، مثلاً ڪنهن پياري دوست يا مائٽ جي وفات، زال ڪانسواءِ ناجائز جنسي تعلقات يا وري روزگار کان بيروزگار ٿيڻ جي ڳڻتي مهل.

بدقسمتيءَ سان اسان وٽ هر قسم جي نامرديءَ جو علاج ٽيسٽواسٽيران (Testosterone) هارمون سان ڪيو ويندو آهي. اهو قطعي غلط علاج آهي

اهي مريض جن ۾ نامرديءَ جي شڪايت گهٽ درجي جي آهي، انهن لاءِ اڄڪلهه اهڙيون جديد باريڪ سيون نڪتيون آهن، جي سڌوسنئون مرداڻي عضوي ۾ لڳائبيون آهن ۽ انهن سان ڪوبه درد يا سور وغيره نه ٿيندو آهي

جسماني (Organic) نامردي وري آهستگي سان نمودار ٿيندي آهي، پر اها مڪمل نامردي هوندي آهي يعني هر وقت ۽ هر ڪنهن سان نامردي. شروع ۾ زبردست جنسي ترغيب سان تحرڪ ٿيندو آهي، پر آهستي آهستي اهو اثر به ختم ٿي ويندو آهي ۽ آخر ۾ ڪيڏو به اشتعال انگيز جنسي اشارو هجي، مرداڻي عضوي ۾ سختي نه ايندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو فرق به واضح هوندو آهي ته نفسياتي نامرديءَ ۾ شهوت به گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ جسماني نامرديءَ ۾ گهڻو ڪري اها برقرار رهندي آهي. Hypogonadism ۾ وري شروع کان ئي ڪڏهن به سختي نه ايندي آهي يعني اها بنيادي نامرديءَ (Primary Impotence) جي حالت هوندي آهي.

## جسماني معائنو:

اهڙن مريضن جو جنسي معائنو ڪرڻ ضروري آهي، جيئن Hypogonadism



مرداڻي عضوي ۾ سختي آڻيندڙ اوزار

جون نشانيون يا ڪا تشريحي جسماني بناوت (Anatomical) جي خرابي معلوم ڪري سگهجي. ان سان گڏ تنتي ۽ شريانين جي سرشتي جو مڪمل معائنو پڻ ضروري آهي.

**خصوصي معائنو:** هڪ خاص اوزار (Strain Gauge) استعمال ڪبو آهي. اهو مرداڻي عضوي جي پاڙ (Base) کان وٺي چوٽي (Glans Penis) تي ٻڌي ڇڏبو آهي. ان اوزار سان سڄي رات جي دوران ٿيندڙ سختي ۽ سوڄ (Tumescence) کي رڪارڊ ڪري سگهبو آهي.

هڪ صحتمند ماڻهو ۽ نفسياتي نامرديءَ واري ماڻهوءَ کي سڄي رات ۾ 3 کان 5 دفعا سختي ايندي آهي ۽ اها سختي ننڊ جي "تيز اکيون ڦرندڙ مرحلي" (Rapid Eye Movement) REM ۾ ٿيندي آهي. جيڪڏهن اها رات جو ٿيندڙ سختي ظاهر نه ٿئي ته معنيٰ ته نامرديءَ جسماني (Organic) آهي ۽ نه نفسياتي.

مرداڻي عضوي جي سختي هڪ ٻي اوزار سان پڻ ماپي سگهبي آهي. ان کي پائڻ کانپوءِ ماڻهو آزادانه گهمي ڦري سگهي ٿو. ان اوزار کي "رِجي اسڪين" (Rigi Scan) چوندا آهن. هڪ ٻيو آسان اوزار وري "سنيپ گيج" (Snap Gauge) جي نالي سان ملندو آهي. ان ۾ ٽي نازڪ پٽيون هونديون آهن. جيڪي مرداڻي عضوي ۾ سختي اچڻ سان مخصوص زور تي واري واري سان ٽٽنديون وينديون آهن ۽ صبح جو خبر پوندي آهي ته ننڊ ۾ مرداڻو عضوو ڪيتري قدر ڪڙو ٿيو هو.

مرداڻي عضوي ۾ رت جو دٻاءُ (Blood Pressure) وري هڪ ننڍڙي اوزار سان ماپي سگهبو آهي، جيڪو مرداڻي عضوي جي پاڙ تي پٽيءَ وانگر ٻڌي ڇڏبو آهي. ان طرح سان مرداڻي مخصوص عضوي ۾ رت جي دوري کي پڻ هڪ اسپيشل الٽراسائونڊ مشين سان ماپي سگهبو آهي.

**خاص ٽيسٽون:**

جنسي عضون جي اعصابي نظام کي وري ڪن خاص طريقن سان معلوم ڪبو آهي، مثلاً (Bulbo Cavernous



مرداڻي عضوي ۾ سختي آڻيندڙ اوزار جو هڪ قسم

Refle Response Latency Period) ان ۾ مرداڻي عضوي جي هڪ تنت Dorsal Nerve Of Penis کي تحرڪ (Stimulus) ڏبو آهي ۽ عام طور تي عام صحتمند ماڻهن ۾ 30-50 ملي سيڪنڊ ۾ "بلبو ڪيورنس مشڪ يا سوپاري واري مشڪ" (Bulbo Cavernous Muscle) سُسندي آهي.

مرداڻي عضوي جي تنتي سرشتي ۾ خرابيءَ جي صورت ۾ ان عمل ۾ دير ٿي ويندي آهي.

جيئن ته مثاني جي فعل ۽ مرداڻي عضوي کي طاقت ۽ سختي ڏيڻ جو خودڪار تنتي سرشتو (Autonomic Pathway) ساڳيو هوندو آهي، ان لاءِ مثاني جون ڪي خاص ٽيسٽون وري جنسي تنتي خرابيءَ جو پڻ پتو ڏينديون آهن. هڪ اهڙو خاص ٽيسٽ "رسٽو-ميٽروگرافي" (Cysto Metro Graphy) آهي، جنهن ۾ مثاني جي گنجائش (Capacity) ۽ بچيل پيشاب (Residual Urine) کي معلوم ڪيو ويندو آهي.

رت ۾ پروليڪٽن هارمون (Serum Prolactin) به هر نامرديءَ جي مريض ۾ ٽيسٽ ڪرڻ گهرجي، ڇو ته رت ۾ وڌيل پروليڪٽن چاهي اهو دوائن جي ڪري وڌيو هجي يا وري "پٽيوٽري"

**نامرديءَ جو هڪ مرض طور تي علاج ڪجي، چاهي ان جو سبب نفسياتي هجي يا جسماني. نيم حڪيمن ۽ سنياسي بابا قسم ماڻهن جي ور نه چڙهجي ڇو ته ان جو سائنسي علاج اڄڪلهه اسان جي ملڪ ۾ موجود آهي.**

IRRITABLE BOWEL SYNDROME

# پيٽ جو اڻ ڇاتل سور

ڊاڪٽر اشفاق ٽالپر

**تحقيق مان خبر پئي آهي پنجن ماڻهن مان هڪ ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار ۾ هڪ دفعو هن بيماري ۾ مبتلا ٿيندو آهي هن وقت هي هڪ عام بيماري آهي. جيئن ته (Common Cold). ڪجهه ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته هي 20 صدي جي ڪا نئين بيماري آهي پر ائين نه آهي آنڊن جي مروڙ يا (Irritable Bowel Syndrome (I.B.S ڪو نئون نالو نه آهي هي هڪ تمام پراڻي بيماري آهي. هي بيماري مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان سڃاتي ويندي هئي. جيئن Mucous Colitis ۽ Spastic Colon, Functional bowel disorder وغيره. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته آنڊن جي مروڙ اڄ ڪلهه وڌي وئي آهي، پر ائين به نه آهي، جيئن ته اڳ جي مقابلي ۾ هن وقت ماڻهو ٿوري گهٽي تڪليف سبب ڊاڪٽرن وٽ وڃن ٿا ۽ اڳين زماني ۾ ماڻهو قبض (Constipation) دستن (Diarrhoea) ريح بادي (Flatulence) متعلق ڊاڪٽرن سان گهٽ مشورو ڪندا هئا. هو پاڻ انهن تڪليفن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪندا هئا. اڄ به ڪيترا ماڻهو هن بيماري بابت ڪنهن کي ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪندا آهن، اهڙن فردن لاءِ هيٺ تفصيل سان ڄاڻ ڏجي ٿي.**

**آنڊن جي مروڙ يا Irritable Bowel Syndrome ڇا آهي.**

اهڙي حالت، جنهن ۾ آنڊا ڪجهه ڊگهي وقت تائين گڙٻڙ جو شڪار رهن ۽ انهي جا مختلف سبب هجن، تنهن کي آنڊن جي مروڙ يا Irritable Bowel Syndrome سڏجي. آنڊن جي مروڙ اڻ وڻندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ ضرور هجي ٿي پر خوشقسمتي سان اها ڪا موذي بيماري نه آهي ۽ نه ئي اڄ ڏينهن تائين انهيءَ سبب ڪري ڪو موت واقع ٿيو آهي.

**آنڊن جي مروڙ Irritable Bowel Syndrome جون علامتون ڪهڙيون آهن؟**

جيڪي به ماڻهو هن بيماري ۾ مبتلا ٿين ٿا انهن سڀني جي علامتن ۾ ڪو وڏو فرق نه هوندو آهي.

هڪ ئي ماڻهو ۾ پهريائين هڪڙيون علامتون هونديون ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري ٻيون علامتون ظاهر ٿينديون، پر جيڪي مکيه علامتون آهن تن ۾ دستن يا قبضي سان گڏ پيٽ جو ڦنڊڻ ۽ بي چيني ٿيڻ شامل آهي. هر ماڻهو ۾ سڀ علامتون هڪ وقت ۾ ظاهر نه ٿينديون آهن.

**ڪجهه ضروري علامتون هيٺ ڏجن ٿيون.**

- **سور (Pain)**، سور پيٽ جي هيٺين کابي پاسي يا هيٺين ساڄي پاسي

# صحت لاءِ پاڻي جي ضرورت ۽ اُن جا هاڃا

مختيار احمد
مهر، سکر

زنده رهڻ لاءِ پاڻي هڪ بنيادي حيثيت رکي ٿو، جنهن کانسواءِ ڪوبہ ماڻهو جيئرو رهي ڪونہ سگهندو، اسان جي جسم جو اڌ کان بہ وڌيڪ حصو پاڻيات تي مشتمل آهي، تنهنڪري هن جي رسد کان سواءِ زنده رهي نٿو سگهجي، پاڻي هيٺين ڳالهين لاءِ گهربل هوندو آهي.

(١) پيئڻ ۽ رڌ پچاءَ لاءِ

(٢) ڌوپ ۽ صفائي سٿرائي لاءِ

(٣) اناج اپائڻ لاءِ

(۴) باهہ وسائڻ، صنعتي استعمال ۽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ، وغيره.

اسين پنهنجي لاءِ پاڻي ڪٿان حاصل ڪندا آهيون؟ پاڻي حاصل ڪرڻ جا مکيہ ٽي وسيلا آهن: (١) برسات (٢) زمين جي مٿاڇري وارو پاڻي جهڙوڪ چشمہ، نديون، واهہ ۽ ڍنڍون، (٣) زير زمين پاڻي، اهي اهو پاڻي آهي جيڪو زمين جي هيٺان موجود هوندو آهي، جيئن کوهہ، ۽ هٿ جا نلڪا هٿي پاڻي حاصل ڪيو ويندو آهي. اهي ٽئي ذريعا پاڻي جا گول چڪر لڳرائيندا آهن، سمنڊن، تلائن منجهان سج جي تپش سبب پاڻي آبي بخارن ذريعي آسمان تي وڃي ڪڪر جي صورت اختيار ڪري ٿو ۽ پوءِ برسات جي شڪل ۾ ججهي مقدار ۾ زمين تي اچي ٿو ۽ وري اهو پاڻي زمين اندر جذب ٿي وڃي ٿو. اهڙن چڪرن دوران پاڻي غليظ بہ ٿئي ٿو. مينهن جو پاڻي وڏ ۾ وڏ صاف هوندو آهي، پر اهو جيئن خلا منجهان ڪرندو آهي تيئن منجهس هوا واري مٽي شامل ٿي ويندي آهي ۽ زمين تي اچڻ کان پوءِ وڌيڪ غليظ ٿي ويندو آهي. زنده رهڻ لاءِ پاڻي تہ ملي ويندو آهي، پر صاف سٿرو پاڻي پيئڻ يا حاصل ڪرڻ نهايت ڏکيو مسئلو اهي. ڳوٺن ۾ کوهن مان پاڻي حاصل ڪيو ويندو آهي، جن جي چوڌاري اڪثر ڪري جانور ٻڌل هوندا آهن ۽ کوهہ کليل هجڻ جي ڪري پکي پاڻي کي غليظ ڪري وجهندا آهن، جتي هٿ جا نلڪا هوندا آهن اتي پيئڻ جي پاڻي کان علاوه لٽا ڪپڙا ڌوئڻ يا جانورن کي وهنجارڻ سان پاڻي غليظ ٿي ويندو آهي. ڳوٺ تہ ٺهيو پر شهرن منجهہ جتي واٽر سپلاءِ جو انتظام موجود آهي اتي بہ نهايت غليظ حالت ۾ پاڻي ايندو آهي. اهڙو ملندڙ غليظ پاڻي جنهن منجهہ ڪروڙين جيت ۽ جراثيم هجن، پيئڻ ڪري اسان کي خوفناڪ بيمارين سان منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ هر انسان بيماري کان آجو نٿو ٿي سگهي، جيستائين ملندڙ پاڻي صاف سٿرو نہ هجي، غليظ پاڻي جي ڪري ٻارن ۾ دستن، ڪالرا جهڙن خطرناڪ مرضن منهن ڏيڻو پوندو، غليظ پاڻي جي ڪري هيٺيون بيماريون منهن ڪڍي سگهن ٿيون.

(١) معدي جو زخم (٢) پيٽ جا ڪينئان (٣) دست، (۴) ڪالرا (۵) ٽائيفائڊ (٦) جيريون جون بيماريون وغيره. غرض تہ اهڙي ملندڙ پاڻي ۾ هر بيماري جا جراثيم موجود هوندا آهن. پاڻي کي غلاظت کان پاڪ ڪرڻ جا ڪجهہ اهم اصول هي آهن.

(١) هٿ جي نلڪي جو پاڻي عموماً سٺو هوندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن خراب پاڻي بہ ايندو آهي. واهن وارو پاڻي جيڪو گهرن ۾ خاص ڪري پيئڻ لاءِ استعمال ٿئي، اهڙي پاڻي کي اُباري پوءِ ٺاري استعمال ڪيو وڃي.

(٢) نلڪن، کوهن ۽ اهڙين جاين وٽ جتي پاڻي ملي، اتي جانورن کي ويجهو نہ آڻڻ گهرجي، کوهہ جي ڇت ڍڪيل هجي ۽ اهڙي جاءِ تي لٽو ڪپڙو نہ ڌوئڻ گهرجي.

(٣) ڪلورين هڪ اهڙو ڪيميائي مادو آهي جنهن جو ڪم بيڪٽريا ۽ پيٽراسائيٽ جي آنن کي ناس ڪرڻ هوندو آهي. ائين هن جي استعمال ڪرڻ سان پاڻي پيئڻ لائق ٿي ويندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪلورين حاصل ڪرڻ جو ذريعو بليچنگ پائوڊر آهي، اهو جڏهن پيئڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ پاڻي ۾ ٿوري مقدار ۾ ملايو وڃي تہ پاڻي ۾ موجود بيڪٽريا ۽ پٽراسائيٽ جي آنن کي ناس ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هن جو استعمال هاڃيڪار بہ نہ آهي.

مٿي ڏنل ڪجهہ اصولن تي عمل ڪرڻ سان نہ صرف اسان صحتمند رهي سگهون ٿا بلڪہ صاف سٿرو معاشرو ٺاهي سگهون ٿا.

پاڻي جو استعمال سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي، ان جو پاڪ ۽ صاف هئڻ

اگر ۾ ٿي ڪنهن HIV کان متاثر شده ماڻهو تي استعمال ٿيل هجي.

3- ڪجهه ملڪن ۾ خراب ٿيل رت جي مٽا سٽا يا بگاڙيل (خراب ٿيل) عضون جي ونڻ (پيوند) ذريعي به ايچ آء وي وائرس پکڙجن ٿا يا پکڙجي چڪا آهن.

**سوال -10: ڇا ايچ آء وي وائرس عام ملڻ جلڻ سان هڪ کان ٻئي ۾ منتقل ٿي سگهن ٿا؟**

جواب: عام رواجي ملڻ جلڻ سان هي وائرس منتقل نٿا ٿين. هڪ ٻئي جو باٿ روم، وهنجڻ وارو ٽلاء، کائڻ پچائڻ وارو سامان ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جي جاء وغيره استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ اهي محفوظ آهن. دفتر، گهر يا اسڪول ۾ متاثر ٿيل ماڻهوء سان گڏ رهي سگهجي ٿو. جيتن جي چڪ يا ڏنگ سان به هي وائرس منتقل نٿا ٿين.

**سوال -11: مون کي رت جي مٽا سٽا (ڏيٺي يا وٺڻي) ڪرڻي آهي، مون کي ڪيئن خاطري ٿئي ته اها رت محفوظ آهي؟**

جواب: رت وٺڻ کان اول رت ڏيڻ وارن کان اهڙي قسم جو فارم ڀرائجي، جنهن ۾ اهي ٻڌائن ته "وڏي خطري واري رويي" واري عمل کان محفوظ آهن. جيڪڏهن اهو اهڙي عمل ۾ مصروف هجن ته انهن کي رت ڏيڻ کان باز رهڻ لاء چئجي.

**سوال -12: ڇا رت جي ڏيڻ سان به ايڊز ٿيڻ جا امڪان آهن؟**

جواب: جيڪڏهن استعمال ۾ ايندڙ سامان (سيون ۽ سرنج وغيره) جيوڙن جراثيمن کان پاڪ هجن ۽ استعمال کانپوء ڦٽي ڪري ڇڏجن ته ايڊز جا امڪان بلڪل نه آهن.

**سوال-13: ڇا ايچ آء وي وائرس (اکين جي) ڳوڙهن ۾ موجود هوندا آهن؟**

جواب: هائو- پر تمام گهٽ مقدار ۾. گهٽو ڪري جڏهن تمام گهٽي مقدار ۾ ڳوڙها سڌي طرح زخم ۾ وڃي رت سان ملن ته پوء ماڻهو متاثر ٿيندو. هن مهل تائين ڪوبه اهڙو ماڻهو متاثر نه ٿيو آهي، جنهن جي مٿان ڳوڙها ڳاڙيا ويا هجن.

**سوال -14: ڇا مون کي مڇر جي چڪ ذريعي ايچ آء وي يا ايڊز ٿي سگهي ٿي؟**

جواب: في الحال دنيا جي به خطي ۾ اهڙي قسم جي شاهدي نه ملي آهي ته ڪو مڇرن جي ذريعي به ايڊز ڦهلجي ٿي.

**سوال -15: گڏجي کاڌي کائڻ (هڪ صوف کي ٻئي چڪ هڻڻ) ذريعي اهي وائرس ڦهلجي سگهن ٿا؟**

جواب: نه- وات جي پاڻياٺ (ٿڪ) ۾ تمام گهٽ مقدار ۾ وائرس موجود هوندا آهن ۽ اهي ان طريقي سان منتقل نٿا ٿي سگهن.

**سوال -16: جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کان عضوو وٺي ته ڇا ان عضوي ڏيندڙ جي ايڊز ٽيسٽ ٿي سگهي ٿي؟ ۽ ان ۾ ڪيترو وقت لڳندو جو ان جي ٽيسٽ ٿي وڃي، خاص ڪري اهڙي حالت ۾ جڏهن عضوو وٺڻ تمام ضروري ۽ جلد هجي؟**

جواب: عضوي ڏيندڙ ماڻهوء جي ضروري پڇا ڳاڇا ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون جاچ جوچ ڪئي ويندي آهي امرجنسي جي حالت ۾ ۽ جيڪڏهن عضوي جي پيوند ڪاري تمام ضروري هجي ته اهڙي قسم جي ٽيسٽ 24 ڪلاڪن اندر ٿي سگهي ٿي.

**سوال -17: ڇا اهڙي گهرو جانور جيڪو ڪنهن ايڊز کان متاثر ٿيل ماڻهوء جو پاليل هجي، ان جانور کي خطرو آهي؟**

جواب: بلڪل نه- ڪنهن به گهرو جانور کي هن مهل تائين ايڊز نه ٿي آهي.

**سوال-18: ڇا ڊاڪٽرن يا ٻين علاج معالجي وارن ماڻهن کي انهن جي مريضن مان HIV يا ايڊز ٿي سگهي ٿي؟**

جواب: هائو- اهو ممڪن آهي. ڊاڪٽر ۽ نرسون جن جو اڪثر واسطو مريض جي رت ۽ ٻي پاڻياٺ سان هوندو آهي، ڪين حفاظتي اپاء وٺڻ گهرجن ته جيئن اهڙي بيماريء جي ٿيڻ جي امڪان کي گهٽائي سگهن.

**سوال -19: ڇا مانع حمل جيلي (Contraceptive Jelly) ڪجهه خطرو گهٽائي سگهي ٿي؟**

جواب: هائو- ڪجهه مانع حمل جيلي ۾ نان آڪسي نان -9 جهڙا مادا هوندا آهن جن جي باري ۾ اها رپورٽ ملي آهي ته اهي ايڊز وائرس لاء مارينڊڙ آهن ۽ اهڙي طرح خطرو گهٽجي سگهي ٿو، پر تنهن هوندي به اهي ڦوڪڻي وغيره سان استعمال ۾ آڻجن ڇاڪاڻ جو انهن جو يقيني طور محفوظ هجڻ جي ڪا پڪ نه آهي.

**سوال -20: ڇا آلي (ٿڪ ۽ ڳگ واري) چمي ايڊز کي پکيڙي ٿي؟**

جواب: آلي چمي يا گهري چمي (فرانسيسي چمي) چميءَ جو هڪ اهڙو قسم آهي جنهن ۾ ٻنهي جون زبانون لوا‌ڙجن ٿيون ۽ ٿڪ (گگ) هڪ کان ٻئي ۾ منتقل ٿئي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن جي وات تي چير يا زخم هجي ۽ ٿڪ جو مقدار به گهڻو هجي ته خطرو آهي، ڇو ته ٿڪ ۾ به HIV وائرس موجود هوندا آهن. نظرياتي طور تي ته خطرو آهي ڇو ته اهڙي قسم جي ڪابه شاهدي نه ملي آهي ته ڪو آلي چمي سان ايڊز نٿي ڦهلجي سگهي.

**سوال -21: ڇا "وات ۾ بدفعلي" (Oral sex) ذريعي ماڻهوءَ کي ان مرض کان متاثر ٿيڻ جو خطرو آهي؟**

جواب: "وات ۾ بدفعلي" (Oral sex)، جنهن سان "مرد جي مخصوص مادي" جي منتقلي ٿئي ته اها خطري واري آهي ڇو ته ان مخصوص مادي ۾ انهن وائرس جو تمام گهڻو مقدار موجود هوندو آهي. جيڪڏهن وات ۾ چير يا زخم هوندا ته مرض بلڪل ٿي ويندو.

**سوال -22: ڇا واقعي ڦوڪڻا وغيره (استعمال ڪرڻ) متاثر ٿيڻ جو امڪان (خطرو) گهٽائي سگهن ٿا؟**

جواب: هائو- پر ڪا گيرنٽي وغيره نه آهي. ڦوڪڻا سالن کان زير استعمال آهن ته جيئن جنسي فعل ذريعي منتقل ٿيندڙ بيمارين جهڙوڪ باد فرنگ، آتشڪ وغيره جي پکڙجڻ کي گهٽائي سگهجي. صحيح نموني سان ويڙهيل (ٻڌل) ڦوڪڻو هڪڙي قسم جي روڪ آهي. اهڙن مخصوص مادن جي منتقل ٿيڻ جي جنهن ۾ اهي وائرس ٿي سگهن ٿا.

**سوال -23: ڇا سئي ذريعي علاج سان ايڊز وائرس کي ٿيڻ جو انديشو آهي؟**

جواب: سئين جي ڪري خطرو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن اهي سئيون مختلف مريضن تي استعمال ٿين. ان ڪري اهو ضروري آهي ته اهي سيون مريض تي استعمال ڪجن جيڪي هڪ دفعو استعمال ڪانپوءِ ڦٽي ڪجن.

**سوال -24: مون کي ڪهڙا احتياطي اپاءَ وٺڻ گهرجن، جڏهن مان اهڙي ماڻهوءَ سان ڪم (آفيس ڪم وغيره) ڪري رهيو/رهي آهيان جنهن کي ايڊز وائرس آهن؟**

جواب: اهڙي ماڻهوءَ سان جنهن کي HIV وائرس (ايڊز وائرس) هجن، ان سان اسڪول يا گهر يا ڪم واري جاءِ تي عام رواجي ملڻ جلڻ سان ڪوبه خطرو نه آهي. ايڊز وائرس واري ماڻهوءَ سان گڏ هڪ ڪمري ۾ هجڻ ڪري ٻئي کي ايڊز وائرس نٿا وڃڻ.

**سوال -25: معصوم (ننڍڙا ٻار) ڪيئن ٿا متاثر ٿين؟**

جواب: معصوم ٻاڙ‌ا اور (ڄَر) ذريعي يا ڄم وقت ماءُ جي رت لڳڻ سان يا متاثر شده ٿڃ پيئڻ سان متاثر ٿي سگهن ٿا. مختلف ملڪن ۾ خراب ٿيل رت جي متا ستا ذريعي به ٻار هن مرض کان متاثر ٿين ٿا.

**سوال -26: ڇا اهو ممڪن آهي ته ماڻهوءَ کي ڪابه ظاهري علامت نه هجي ۽ پوءِ به هن کي ايڊز وائرس هجي؟**

جواب: وائرس جو هجڻ معنيٰ ماڻهو ان وائرس کان متاثر (اثر هيٺ آيل) هجي پر مڪمل طرح بيماري (ايڊز) نه هجيس، تنهن ڪري ان کي بيماري جون ڪي به ظاهري يا لڪل علامتون نه هونديون.

عام ڏسڻ سان ڪوبه نٿو ٻڌائي سگهي ته هي ڪو متاثر ٿيل آهي، شايد اهو ماڻهو پاڻ به نه. فقط هڪ رت جي چڪاس (HIV Antibady Test) اهو ظاهر ڪري سگهي ٿي.

**سوال -27: مان هڪ شادي شده عورت آهيان، ڇا مونکي خطرو آهي؟**

جواب: شادي شده عورت هجڻ جي ناتي سان، توهان کي اگر مڙس ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه جنسي ڀائيوار نه هجي ته توهان کي ايستائين خطرو ناهي، جيستائين توهان جو مڙس ان وائرس کان متاثر نٿو ٿئي. خطري وارا ٻيا به ذريعا آهن. مثلاً خراب يا متاثر ٿيل رت جي متا ستا يا ان سئي جو استعمال جيڪا متاثر ٿيل ماڻهوءَ جي رڳ تي استعمال ٿي هجي. توهان جي ٻار کي خطرو فقط تڏهن آهي جڏهن توهان ٻار جي ڄمڻ وقت ان وائرس کان متاثر ٿيل هجو.

**سوال -28: جيڪڏهن مون کي خبر پوي ته منهنجو مڙس يا منهنجي زال HIV وائرس کان متاثر ٿيل آهي ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

جواب: توهان کي ضروري احتياطي اپاءَ وٺڻ گهرجن. مثلاً ان ڀائيوار (مڙس يا زال) سان غير محفوظ جنسي فعل کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيستائين توهان ڪنهن ڊاڪٽر کان صلاح مشورو نه وٺو. پنهنجي ڀائيوار کي همٿايو پڻ ته هو وڌيڪ ان مرض جي باري ۾ ڪو جوڳو بندوبست ڪري. هميشه ٽائين پيار محبت ڏيکاريندا اچو.

# ڏڪڻي ڇا آهي

ڊاڪٽر عبدالحئي

سرديءَ جي موسم ۾ توهان کي گهڻو ڪري ڏڪڻي محسوس ٿيندي هوندي. ڇا توهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته سرديءَ ۾ هيءُ ڏڪڻي ڇو ٿي ٿئي؟ دراصل ڏڪڻي جسم جي کل ۽ گوشت جو غيرارادي ردعمل آهي، جيڪو سرديءَ ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ان سان انساني جسم گرميءَ جي زيان کي روڪڻ ۽ جسم جو مخصوص گرمي پد (ٽيمپريچر) قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڏڪڻي جو عمل انساني دماغ جي هڪ اهم حصي هائپو ٿيلمس مان ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي. هائپوٿيلمس انساني جسم جي گرمي پد جي تبديليءَ جي حوالي سان انتهائي حساس هوندو آهي ۽ جسم ان وسيلي ٽيمپريچر کي انتهائي معمولي تبديليءَ کي محسوس ڪري وٺندو آهي. جيڪڏهن هائپوٿيلمس جسم جي ٽيمپريچر کي معمول کان گهٽ محسوس ڪندو آهي ته ٿائرائڊ گلينڊ کي پيغام موڪليندو آهي ۽ هي گلينڊ غذا جي عمل کي تيز ڪندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ گرميءَ جو گهڻو مقدار پيدا ٿيندو آهي ۽ گوشت وڌڻ ۽ گهٽڻ شروع ڪندو آهي. چمڙي يا کل جا ننڍا ننڍا سوراخ بند ٿي ويندا آهن ته جيئن گرميءَ جي زيان کي روڪي سگهجي. هي ردعمل ٿڌي موسم ۾ صورتحال جو مقابلو ڪندو آهي ۽ جسم کي گرم رکندو آهي.

هائپوٿيلمس جو گرمي پد جي تبديليءَ جي مقابلي ۾ هي ردعمل جسم جي مقرر ٽيمپريچر کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي جيڪو سردي يا گرميءَ جو اثر قبول ڪرڻ کانسواءِ هڪ جهڙو رهندو آهي. گرمي پد کي ڪنٽرول ڪرڻ جو هي مرڪزي سسٽم ميٽابولزم جي سراسري ۽ ٻين نظامن کي ڪم ڪرڻ لاءِ هي ميٽابولزم سسٽم ايترو حساس هوندو آهي جو جيڪڏهن گهڻي دير تائين انهن کي مناسب ٽمپريچر نه ملي ته هو شايد متاثر ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ ٻه صورتون نظر اچن ٿيون. گهڻو تيز بخار، يا مقرر ڪيل معيار کان گهٽ گرمي پد.

گهڻي تيز بخار مثلاً نمونيا ۽ انفلوئنزا جي صورت ۾ مريض کي جسم ۾ جيڪا ڏڪڻي محسوس ٿيندي آهي ۽ جنهن کي ٿڌ لڳڻ چئبو آهي. دراصل بخار جي حالت ۾ انساني جسم گهڻي گرمي پيدا ڪندو آهي ۽ جيئن ته ٻاهر جي نارمل فضا جي مقابلي ۾ اندرين جسم جو ٽيمپريچر گهڻو هوندو آهي ان ڪري مريض سيءُ محسوس ڪندو آهي ۽ ردعمل ڪري ڏڪڻي محسوس ٿيڻ يا گهڻو تيز بخار هئڻ جي صورت ۾ هلڪا هلڪا جهٽڪا به محسوس ٿيندا آهن. گرميءَ

> دراصل بخار جي حالت ۾ انساني جسم گهڻي گرمي پيدا ڪندو آهي ۽ جيئن ته ٻاهر جي نارمل فضا جي مقابلي ۾ اندرين جسم جو ٽيمپريچر گهڻو هوندو آهي ان ڪري مريض سيءُ محسوس ڪندو آهي

جو توازن قائم رکڻ لاءِ بخار گهٽ ٿيڻ سان گڏ گهٽي مقدار ۾ پگهر به نکرندو آهي.

ڪجهه ماڻهن کي عام ماڻهن جي مقابلي ۾ گهٽي سردي لڳندي آهي ۽ ٽيمپريچر جي ٿوري فرق سان ئي ڏڪٽي لڳندي آهي. ان جو اصل ڪارڻ هي آهي ته انساني دماغ ۾ هڪ طرح جو ٿرمو اسٽيٽ هوندو آهي، جيڪو جسم لاءِ مناسب گرميءَ کي مقرر ڪندو آهي. مختلف ماڻهن ۾ هي ٿرمواسٽيٽ مختلف گرميءَ تي سيٽ هوندو آهي. جيئن اڃ، بک ۽ ننڊ جي ضرورت مختلف ماڻهن جي جسماني ضرورت مطابق مختلف هوندي آهي.

عام طور تي ڏڪٽي ٿيڻ سرديءَ جي موسم ۾ جسم جو غير اختياري ردعمل هوندو آهي. غير اختياري مان اسانجو مطلب اهڙو عمل آهي جنهن کي شروع ڪرڻ يا روڪڻ جو دارومدار اسانجي ارادي تي نه هوندو آهي، پر جسم ۾ ڪجهه عمل اهڙا به ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجو ردعمل ڏڪٽيءَ جي صورت ۾ ظاهر ڪندا آهن، ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عام ڏڪڻ يا ڪنهن بيماريءَ جي ڏڪڻ جي علامتن جو فرق معلوم هئڻ گهرجي. مثلاً ڪجهه ماڻهو هيءَ شڪايت ڪندا آهن ته جڏهن هو ڪا شيءِ ڪڻن ٿا يا ڪو ڪم ڪن ٿا ته انهن جا هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا يا ڪاوڙ وقت انهن جو سڄو جسم لڏڻ ۽ ڏڪڻ لڳي ٿو. ان جا ڪيترائي سبب آهن.

* ڪڏهن ڪڏهن ڏڪڻ جون هي علامتون خانداني هونديون آهن، ان ڪري ڪجهه ماڻهن ۾ هيءَ بيماري خاندان ڪان ورثي ۾ ملندي آهي ۽ ڪجهه کي وري نه به ٿيندي آهي ان کي Benign Essintial Tremors چئبو آهي.
* پريشاني يا ذهني دٻاءُ به ان لرزش جو سبب بڻجي ٿو.
* ٿائرائڊ گلينڊ جو حد کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ به ڏڪٽي پيدا ڪندو آهي.
* دماغ جي هڪ مخصوص حصي ۾ ڪا خرابي يا مداخلت ڪري به شديد قسم جي ڏڪٽي پيدا ٿئي ٿي، علاج کان اڳ مرض جي صحيح سڃاڻ ۽ سبب جو معلوم هئڻ ضروري آهي.
* جسم جي مخصوص حصي ۾ لرزش دماغ يا نروس سسٽم ۾ بيماريءَ کي ظاهر ڪري ٿي. مثلاً پارڪنسنس ڊزيز وغيره.
* گهٽي شراب پيئڻ سان به لرزش ۽ ڏڪٽي ٿي سگهي ٿي.

ڏڪٽيءَ جي هي تڪليف ان وقت شديد نوعيت اختيار ڪري ٿي جڏهن هيءَ جهٽڪن جي صورت وٺي ٿي. هي مرگهيءَ Epilepsy جي چٽي علامت آهي. عام قسم جي ڏڪٽي مرگهيءَ جي جهٽڪن کان قطعاً مختلف هوندي آهي. هلڪي ڏڪٽي ۽ شديد مرگهيءَ ۾ چٽو فرق آهي. شديد مرگهيءَ ۾ مريض زمين تي ڪري پوندو آهي ۽ ڏڪڻ لڳندو آهي ۽ هوش حواس مان نڪري ويندو آهي ۽ هٿ پير ڏڪڻ لڳندا آهن. پر جيڪڏهن ڏڪٽي شديد هجي ۽ مرگهي نه هجي ته انهن ۾ فرق ڪرڻ لاءِ پيرن جي آڱرين جي پوزيشن ڏسڻ گهرجي. خاص طور تي هيءَ ڏڪٽي جيڪڏهن شديد گرميءَ ۾ ٿئي ته يقينن هيءَ مرگهيءَ جي علامت آهي، انهن سيني ڳالهين ڪانپوءِ جيڪڏهن فرق واضح نه هجي ته پوءِ ڊاڪٽر سان ملڻ گهرجي.

ڇا واقعي ڏڪٽي بيماريءَ جي علامت آهي؟ عام حالتن ۾ ڏڪٽي،سيءَ جي موسم جو نارمل ردعمل آهي. ٻي صورت ۾ هيءَ ڪنهن بيماريءَ جي علامت ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن جسم جو ٽمپريچر هڪم وڌي وڃي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عام ڏڪڻ يا ڪنهن بيماريءَ جي ڏڪڻ جي علامتن جو فرق معلوم هئڻ گهرجي. مثلاً ڪجهه ماڻهو هيءَ شڪايت ڪندا آهن ته جڏهن هو ڪا شيءِ ڪڻن ٿا يا ڪو ڪم ڪن ٿا ته انهن جا هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا

# سدائين جوان رهڻ

منير احمد چنو

سدائين جوان رهڻ جي خواهش کنهن کي ناهي، جڏهن کان انسان زندگي جو سفر شروع ڪيو آهي، ان وقت کان وٺي سدائين جوان رهڻ جي فڪر ۾ آهي، ليڪن انهي کي اڄ تائين اهڙو آب حيات نہ ملي سگهيو آهي، جنهن سان هو پنهنجي زندگي ۾ هميشہ جوان رهي ۽ ڪراڙپ جا گهنج، ٻڏڻ، ڏسڻ ۽ چکڻ جون صلاحيتون اهڙيون ئي هجن جيئن ڪنهن نوجوان ۾ هونديون آهن ۽ جوانن جيان جنسي صلاحيت کي برقرار رکي سگهي.

ليڪن اڄ جي ميڊيڪل سائنس اهڙي تحقيق ۾ مصروف آهي جنهن سان انسان جي زندگي کي ٻيڻو، ٽيڻو ۽ چوڻو ڪري سگهجي. ان تحقيق کي مانٽريال جي ميڪڊونلڊ گل يونيورسٽي جي حڪيمي ليبارينري اڃا بہ زور ورتايو جڏهن ان ليبارينري جي طرفان هڪ خبر آئي تہ ڪمي جي فيملي (Crocodile family) جي ڪجهہ جانورن جي سراسري عمر نون ڏينهن مان وڌائي پنجاه ڏينهن ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ان کان علاوه يونيورسٽي آف ڪلوفورنيا جي ماهر بائيولوجسٽ "مائيڪل" گلاب جي گلن تي زنده رهڻ واري هڪ مک جي سراسري عمر 70 ڏينهن مان وڌائي 140 ڏينهن ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ان مک جي طاقت پهرين نسل واري مک جي ڀيٽ ۾ ڏهہ لک وڌيڪ هئي. انهن ئي رپورٽن جي نظرين مطابق سائنسدانن خيال ڪيو تہ "انسان جي عمر بہ اهڙي طريقي سان وڌائي سگهجي ٿي." پر انهي ڏس ۾ بين الاقوامي سطح تي اڃا ڪو نظريو نہ آيو آهي. تي سگهي ٿو تہ ان تحقيق ۾ ڪاميابي ٿئي يا اهو نظريو بنيادي طرح ئي غلط ٿي وڃي.

اها هڪ طئي شده حقيقت آهي تہ جيو گهرڙا (Cells) ئي جاندارن ۾ عمر جي حوالي سان ايندڙ تبديلين جا ذميوار آهن. اڄ ڪلهہ جا سائنسدان انهي مطالعي ۾ مصروف آهن تہ انسان جي عمر وڌڻ سان جسم جا گهرڙا ننڍڙا (Shrink) ٿيندا ٿا وڃن ۽ جيڪڏهن انهي ڪيميائي تبديلي جي خبر پئجي وڃي تہ شايد عمر سان پيدا ٿيندڙ تبديلين کي روڪي سگهجي ٿو. انهي کان علاوه اها بہ حقيقت آهي تہ جڏهن گهرڙا خوراڪ استعمال ڪن ٿا تہ گهرڙي جي اندرين حصن کي نرم ڪندي باقي بيڪار مادو گهرڙي مان خارج ٿئي ٿو. جيڪڏهن اها خبر پئجي وڃي تہ اهو بيڪارمادو گهرڙي جي اندر ڪيئن ٺهي ٿو ۽ ان جو اثر ٻاهرين جسم تي ڪيئن پوي ٿو تہ شايد اسين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ پوءِ بيڪار ۽ فاضل مادن کي گهرڙن کان پاڪ ڪري جسم تي پوندڙ اثر کان روڪي سگهجي ٿو.

ليڪن جينيات (Genetics) جا ماهر انهي جين (Gene) جي تلاش ۾ آهن جيڪا پهرين مرحلي ۾ جسم کي ڪراڙپ جا نشان ڏيڻ جي هدايت ڪري ٿي. ان جين جي تلاش کانپوءِ ٻي مرحلي ۾ انهي ۾ تبديلي ڪرڻ هوندي ۽ جيڪڏهن هڪ دفعو (DNA) ۾ تبديلي ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي تہ پوءِ هن نظرئي مطابق هر ڳالهہ ممڪن ٿي ويندي ڇاڪاڻ تہ DNA زندگي جي باري ۾ ازخود هدايت ڏيئي ٿو.

گذريل ڏهن، ويهن سالن ۾ ڪجهہ اهڙي قسم جون دوائون ايجاد ڪيون ويون آهن، جنهن سان وڌندڙ عمر جي اثرات کي روڪي سگهجي ٿو، انهن ۾ Melatonin مان Antioxidents ۽ Replacement therapy ۽ Reguna-tion وغيره آهن.

1900ع ۾ آمريڪا ۾ پيدا ٿيڻ واري جي سراسري عمر 47 سال هئي پر ان صدي جي وچ ڌاري يعني 1950ع ۾ انهن جي عمر 76 سال ٿي. 1983ع ۾ ڀارت ۾ پيدا ٿيڻ واري جي عمر 52 سال هئي پر هاڻي انهن جي عمر 61 سالن کان بہ وڌيڪ آهي.

جاپان ۾ 1940ع ۾ مردن جي سراسري عمر 35 سال 4 مهينا ۽ عورتن جي 43 سال ۽ 6 مهينا هئي، ليڪن هاڻي جاپان جي عورتن ۽ مردن جي عمر سڀ کان وڌيڪ آهي. مردن جيعمر 76 سال ۽ عورتن جي تقريبن 83 سال آهي. انهي جو سبب صرف ئي صرف بهتر غذا سٺي صفائي ۽ طبي سهولتن جي بهتري آهي.

هن وقت ڪراڙپ جي حقيقت کي لڪائڻ لاءِ جيڪي هٿيار استعمال ٿين ٿا انهن ۾ هي آهن.

1- هيومن گروٿ هارمون

Human Growth Hormone

2- ميلاٽونن

Melatonin

1- هيومن گروٿ هارمون: هن هارمون جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ نوجوانن ۾ (Metabolism) جو ذميوار آهي. جسم جي ڪافي حصن جي (Regeneration) ڪندو آهي. وڏي عمر وارن ماڻهن ۾ چربي وارن گهرڙن جي ڀيهر تقسيم ڪندو آهي. هي هڪ تمام مهانگو علاج آهي. هن جي باري ۾ تمام گهڻو خرچ ايندو آهي.

2- ميلاٽونن: هن هارمون جي ذريعي وڏي عمر جي اثرن کي ختم ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه ننڊ نہ اچڻ جي خلاف استعمال ٿيڻ وارو هي هڪ قدرتي ۽ تصديق شده نسخو آهي. هن هارمون ذريعي ڪينسر ۽ پريشاني جهڙي دشمن هجڻ جي بہ خبر پوي ٿي.

HEPATITIS

# جيري جي سوزش

## ڪارڻ، تفصيل ۽ بچاءُ

ترجمو: علي مرتضيٰ ڏاريجو

جيري جي سوڄ ۽ يرقان سڄي دنيا ۾ ۽ خاص طور تي اوڀر ايشيا ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن ۾ هڪ وبا جيان پکڙجي رهيو آهي. ان وبا کي روڪڻ لاءِ ضروري آهي تہ وقت سر هٿ پير هنيو وڃي، جنهن لاءِ ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ عام ماڻهن کي هن هاڃيڪار بيماريءَ بابت مڪمل ۽ ڀرپور ڄاڻ ڏني وڃي، تہ جيئن هو موتمار بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ مناسب اپاءَ وٺي سگهجن.

صحت جي عالمي اداري (WHO) مطابق پاڪستان دنيا جي انهن علائقن منجهان هڪ آهي جتي هيءَ بيماري نہ رڳو عام ٿي رهي آهي پر تمام تيزيءَ سان پڻ پکڙجي پڻ رهي آهي. ان چوڻ ۾ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اسان وٽ صورتحال وڌيڪ خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ، اڻ پڙهيل ماڻهو، صحت صفائي جي اصولن کان بي خبر انسان، گندو پاڻي ۽ ڪسين جي نيڪال جو ناڪارو انتظام، رت ڏيڻ ۽ وٺڻ کان اڳ رت چڪاس ڪرائڻ جون اڻپوريون سهولتون ۽ وئڪسين جي اڻهوند سبب هيءَ بيماري رهندو هڪ گنڀير مسئلو بڻجي ويئي آهي.

## جيري جي ڪهاڻي سندس ئي زباني

**مان آهيان توهانجو پنهنجو جگر**

مان توهانجو جگر/جيرو آهيان، توهانجو جاني دوست ۽ هجان بہ چونہ، ڇو تہ مان توهان لاءِ اهڙا اهڙا ڪم ڪندو آهيان جيڪي ٻيو ڪير بہ ڪري نٿو سگهي. خاص طور تي توهان لاءِ ڪي اهڙا تمام اهم ڪيميائي جزا تيار ڪندو آهيان تہ ساڳئي وقت توهانجي جسم ۾ موجود بيڪار ۽ زهريلن مادن کي نيڪال بہ ڪندو آهيان. اصل ۾ مان توهانجي جسم ۾ هڪ سڀ کان وڌيڪ اهم پراسسنگ پلانٽ آهيان. مان توهانجي هاضمي جي سرشتي مان جذب ٿيندڙ غذائي جزا آٽيندڙ رت کي، تيستائين توهانجي دل، ڦڦڙن ۽ ٻين اهم عضون تائين پهچڻ نہ ڏيندو آهيان جيستائين ڪہ انهيءَ جي ڪيميائي صفائي نہ ٿو ڪري ڇڏيان. ان اهم ڪم ۾ منهنجو پورٽل سسٽم (Portal System) سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي.

مان توهانجي رئيس عضون يعني دل ۽ دماغ جيان ليڪيو ويندو آهيان. جڏهن تہ، منهنجيءَ اهميت جو اندازو هيئن بہ لڳائي سگهو ٿا تہ، قدبت جي لحاظ کان مان انهن سڀني کان وڏو آهيان. منهنجو وزن ٽن کان چئن پائونڊن يعني ڏيڍ ٻن سيرن تائين ٿئي. مان توهانجي پيٽ جي مٿئين حصي ۾ پاسيرين جي پڃري جي هيٺين حصي ۾ محفوظ. ڏينهن رات بنا ڪنهن موڪل يا آرام ڪرڻ جي پنهنجو ڪم ڪندو رهندو آهيان. موڪل؟ اصل نہ. جيڪڏهن مان موڪل تي هليو وڃان تہ توهانجي تہ هميشہ لاءِ ٻينگ ٿي وڃي. پلي تہ توهان ڪيترا بہ بي پرواھ ۽ غيرذميوار ثابت ڇونہ ٿيا هجو، پر مان پنهنجيءَ ذميواريءَ کان ڪڏهن بہ غافل ناهيان رهندو، منهنجا حصا آهن، جنهن ۾ ساڄو وڏو ۽ کاٻو ننڍوآهي. هوئڻن تہ پيٽ کي زورڙو ڏيئي مونکي محسوس ڪري نہ سگهبو آهي، پر جڏهن ڪنهن بيماريءَ

مون ۾ واڌ ويجهہ ڪرڻ جي هڪ اهڙي طاقت آهي جيڪا جيڪڏهن توهان کي حيران نہ ڪري ڇڏي تہ منهنجو نالو ٺي مٽائي ڇڏيو. پلي تہ منهنجي جسم جو هڪ وڏو حصو ڪٽي الڳ ڪري ڇڏيو تہ چند هفتن اندر اهو نئين سر پيدا ٿي ويندو، پر ان جو اهو مقصد بہ ناهي تہ توهان مون سان بدسلوڪي ڪريو. بلڪل نہ، ڇو تہ شراب ۽ ڪن دوائن جي گهڻي استعمال ڪرڻ سبب مونکي هڪ دائمي نقصان پهچي سگهي ٿو تہ ائين ڪيتريون بيماريون پڻ مونکي بلڪل بيڪار ڪري ڇڏينديون آهن، جنهن سبب مان ڪنهن بہ ڪم جو باقي نہ رهندو آهيان..... **توهانجو جگر**

ٻارن، خاص طور تي ابهمن کي جڏهن يرقان ٿي پوي تڏهن اها خطرناڪ ڳالهه نه سمجهي ويندي آهي. جڏهن ته يرقان جي هاڃيڪار ۽ موتمار اثرن کي ذهن ۾ رکندي اهو ضروري سمجهيو وڃي ٿو ته، ماءُ ۽ ابهم کي سانئيءَ کان محفوظ رکڻ لاءِ اهڙا اپاءَ ورتا وڃن. ڇو ته اسانجا ٻار اسانجي اکين جا تارا آهن ۽ هر ماءُ ۽ پيءُ جي اها ئي خواهش ٿئي ٿي ته انهن جي روشني ڪڏهن به جهڪي نه ٿئي.

ڪوبه علاج موجود ڪونهي. جڏهن ته هن هاڃيڪار مرض کان محفوظ رهڻ جو هڪ طريقو موجود آهي ۽ اهو آهي، هيپٽائيٽس- بي جي ويڪسين ڪرائي ڇڏڻ. جيڪڏهن ٻالڪپڻي ۾ ئي اها ويڪسين ڪرائي ڇڏجي ته اهڙو فرد باقي سڄي زندگي هيپٽائيٽس جي مرض کان محفوظ رهي ٿو.

اسانجي ملڪ جتي پاڻي ۾ ڪيترين بيمارين جا جهجها جيوڙا موجود هجن ۽ علاج جون به اڻپوريون سهولتون موجود آهن تڏهن اهو انتهائي ضروري ٿي پوي ٿو ته ٻين قسمن جي بيمارين جيان، هيپٽائيٽس- بيءَ جهڙي موذي مرض لاءِ به احتياط ۽ اپاءَ اختيار ڪيا وڃن ۽ عام ماڻهن ۾ هن هاڃيڪار بيماري بابت وڌ ۾ وڌ شعور پيدا ڪيو وڃي.

## هيپٽائيٽس ۽ توهانجا مسئلا

جگر جي سوزش جي بي قسم بابت ڪجهه سوال ۽ انهن جا جواب

س: جيڪڏهن پنجن مهينن جي ڪنهن حامله عورت کي هيپٽائيٽس يعني جيري جي سوزش ٿي پوي ته ڇا ان جي پيدا ٿيندڙ ٻار کي به هيپٽائيٽس ٿيڻ جو خطرو ٿي سگهي ٿو؟

ج: يقيناً اهڙي ماءُ جو ٻار به هيپٽائيٽس جو شڪار ٿيندو. ان لاءِ اها ڄاڻ رکڻ به ضروري آهي ته اهڙي عورت هيپٽائيٽس جي ڪهڙي قسم ۾ مبتلا آهي ۽ جيڪڏهن هوءَ هيپٽائيٽس- بي ۾ مبتلا ٿي پيئي هجي ته اهڙي حالت ۾ ٻار جي جمڻ کان ترت ئي پوءِ ڪيس هڪ ٽڪو هائپراميون گلوبيولن (Hyper-Immune Globu- lin) ۽ پوءِ هيپٽائيٽس- بي ويڪسين جو پهريون ٽڪو هڻايو. هن ويڪسين جو ٻيو ٽڪو هڪ مهيني کان پوءِ ۽ ٽيون ڇهن مهينن کان پوءِ هڻائڻ گهرجي ته جيئن اهڙو ٻارڙو سڄيءَ زندگيءَ لاءِ هن هاڃيڪار مرض کان محفوظ رهي سگهي. جڏهن ته ماءُ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي قسم جي جگري سوزش ۾ مبتلا هجي ته ان جو ٻار کي ڪوبه خطرو ناهي هوندو.

> **ڪامڻ جنهن کي جگر جي بيماري سمجهيو ويندو آهي اها اصل ۾ بيماري نه پر بيماري هجڻ جي هڪ علامت/ نشاني آهي بلڪل ائين جيئن بخار، نبض جو تيز هلڻ، ۽ سڪو ٿي پوڻ**

س: جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ڪجهه عرصو اڳ هيپٽائيٽس ٿي پيئي هجي ۽ هاڻ هوءَ ڪٽنبي رٿابندي ڪرڻ لاءِ حمل-روڪ گوريون کائڻ چاهيندي هجي ته ڇا ڪيس اهو مرض وري اٿلي سگهي ٿو؟

ج: جيڪڏهن اهڙي ڪا عورت هيپٽائيٽس جو شڪار ٿيڻ کانپوءِ صحتمند ٿي چڪي آهي ته هوءَ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي حمل-روڪ گوريون استعمال ڪري سگهي ٿي بشرطيڪ اهڙيءَ عورت ڊاڪٽر جي صلاح سان ايل. ايف. ٽي (LFT) تپاس ضرور ڪرائي هجي ته جيئن اها ڄاڻ پئجي سگهي ته جيرو هاڻ عام رواجي طرح سان ڪم ڪري رهيو آهي.

س: جيڪڏهن ڪامڻ ۾ مبتلا مريض جو ڊاڪٽر گهر ۾ ئي علاج ڪندو هجي ته ڇا باقي گهر وارن کي اهڙي مريض کان پاسيرو رهڻ گهرجي ۽ ٻارن کي به سندس ويجهو وڃڻ نه ڏجي؟

ج: اهڙي مريض سان شودرن جهڙو ورتاءُ ڪرڻ صحيح ناهي هوندو. ان بجاءِ انهن کي عام فردن جيان ئي سمجهڻ گهرجي. جڏهن ته اهڙي مريض جا استعمال ڪيل چمچا ۽ گلاس وغيره ٻين کي استعمال ڪرڻ نه ڏنا وڃن، ڇاڪاڻ ته وات جي پڪ، نڪ جي رطوبت يا رت وغيره جهڙن مادن رستي، صحتمند فرد به جگر جي سوزش ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا.

س: جيڪڏهن ڇمڻ کان سنت ٿي پوءِ ڪنهن ٻار کي سانئي ٿي پوي ته ڇا ڪيس هيپٽائيٽس ٿيڻ جو خدشو ٿي سگهي ٿو؟

ج: نون ڄاول/ابهم ٻارڙن کي سانئي ٿي به پوندي آهي، پر ان جو عام طور تي ڪارڻ جگر جي ڪا خرابي ناهي هوندي. ان بجاءِ رت جي ڳاڙهن سيلن جي جلد جلد ٽٽڻ سبب ڪين يرقان ٿي پوندو آهي ۽ اهڙي حالت چند ڏينهن

اندرينهنجو پاڻ ٺي ٺيڪ ٿي ويندي آهي. جڏهن ته احتياطاً اهڙن ٻارن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهو ڏسي سگهجي ته يرقان ٿيڻ جو سبب جگر جي ڪا خرابي ته ناهي ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ ترت علاج ڏيڻو پوندو آهي.

ڪو فرد جگر جي سوزش جو شڪار ٿيو هجي ته ڪيس هيپٽائيٽس-بي (B) ۽ سي (C) جي هجڻ يا نه هجڻ لاءِ رت جون اهڙيون تپاسون ڪرائڻ گهرجن. جيڪڏهن اهڙي فرد ۾ انهن قسمن جا جيو موجود نه هجن ته پوءِ هو پنهنجي رت ڏئي سگهي ٿو.

س: جيڪڏهن ڪنهن اهڙي فرد کي ڪامڻ ٿي پوي جيڪو رت ڏيندڙ آهي ته ڇا پوءِ ڪيس اڳتي به رت ڏيندو رهڻ گهرجي؟

ج: جيڪڏهن اهڙو ڪو فرد جگر جي سوزش جو شڪار ٿيو هجي ته ڪيس هيپٽائيٽس-بي (B) ۽ سيءَ (C) جي هجڻ يا نه هجڻ لاءِ رت جون اهڙيون تپاسون ڪرائڻ گهرجن. جيڪڏهن اهڙي فرد ۾ انهن قسمن جا جيو موجود نه هجن ته پوءِ هو پنهنجي رت ڏئي سگهي ٿو.

س: جيڪڏهن ڪو فرد هيپٽائيٽس جي وائرس جو شڪار ٿي پيو هجي ته ڪيس اڳتي لاءِ وائرسي هجڻ/رهندڙ جا ڪيترا امڪان ٿي سگهن ٿا؟

ج: اهڙو شخص جنهن جي رت ۾ وائرس موجود هجي پر آن ۾ مرض جون علامتون نه هجن، ان کي ڪيرئر (Carrier) سڏبو آهي. ٻارن ۾ ڪيرئير هجڻ جا امڪان گهٽا وڌيڪ ته وڏن ۾ گهٽا گهٽ ٿين. ان لاءِ ٻارن کي ڄمندي ئي هيپٽائيٽس جي ويڪسين ڪرائي ڇڏڻ گهرجي.

س: ڇا- هڪ اهڙي ڇوڪري جنهن کي 13 يا 14 سالن جي عمر ۾ گلنڊيولر (Glandular) تپ ٿي پيو هجي ته هوءَ پوءِ يرقان جو شڪار ٿي سگهي ٿي، يا خاص طور تي جڏهن هوءَ ڪنهن وائرس ۾ مبتلا ٿي هجي ڇو ته اهڙن وائرسي مرضن ٿيڻ ڪانپوءِ اهو وائرس جگر جي سوزش پيدا ڪري وجهندو آهي؟

ج: يرقان ڪيترن بيمارين سان گڏ يا انهن ڪري به ٿي پوندو آهي. خاص طور تي اهڙا وائرسي مرض جيڪي اڳتي هلي جيري جي سوزش پيدا ڪري وجهندا آهن.

س: ڇا يرقان جي مرض دوران ڪٽ تي رڳو آرام ئي ڪرڻ گهرجي؟ جيڪڏهن ائين ناهي ته پوءِ ڊاڪٽر ان ڳالهه تي ايترو زور ڇو ڏيندا آهن؟ ۽ ڇا يرقان اٿلي به سگهي ٿو؟

ج: يرقان دوران هروڀرو ايترو مسلسل آرام ضروري به ناهي هوندو. جڏهن ته اهڙن ڪمن ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جنهن سبب ٿڪ ۽ ساٿائي ٿي پوندي هجي.

## ڇا توهان هيپٽائيٽس- بيءَ جو شڪار ته ناهيو؟

جيڪڏهن ائين آهي ته توهان کي ڇا ڪرڻ ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي:

**ڇا ڪجي**

- عام کاڌ خوراڪ واپرائيندا رهو.
- عام ورزش ڪندا رهو.
- پنهنجو ڪم ڪار، ڪاروبار يا آفيس جو ڪم ڪندا رهو.
- هر سال جگر ۽ ترڻ جو مڪمل معائنو به ڪرائيندا رهو.

**ڇا نه ڪجي**

- شراب کان مڪمل پرهيز ڪريو.
- ڊاڪٽر جي مرضيءَ کانسواءِ ڪابه دوا استعمال نه ڪريو.
- ڪنهن به اهڙي فرد سان جنسي لاڳاپا نه رکو جنهن کي هيپٽائيٽس- بي جي ويڪسين لڳل نه هجي.
- پنهنجو ڏندن جو برش ۽ ڏاڙهيءَ ڪوڙڻ جو سامان ڪنهن به ٻئي کي استعمال ڪرڻ نه ڏيو.
- رت يا ڪنهن به عضوي جو عطيو نه ڏيو.
- ڪابه اهڙي راند نه ڪريو جنهن ۾ توهانجي جسم جو ڪو حصو ٻئي رانديگر سان لڳندو گسندو رهندو هجي.
- ڪنهن کي به انجيڪشن نه ته هٿو ۽ نه ئي پنهنجو ٿرما ميٽر استعمال ڪرايو.
- عام مريض رت جي صفائي لاءِ جيڪي مشينون (Renal Dialysis Machines) استعمال ڪن ٿا اهي استعمال نه ڪريو.

هن مضمون جي ترتيب ۽ ترجمي لاءِ ڊاڪٽر سرور جهان زبيري، ڊاڪٽر شير شاهه، ڊاڪٽر سبط الحسنين سيد ۽ محمد خالد جي مضمونن ۽ ماهوار ويڄ جي پرڻن پرچن تان مڪمل مدد ورتي وئي. (مترجم)

## خوشگوار سفر لاءِ

# ٽڪيٽ ضرور خريد ڪريو

بغير ٽڪيٽ سفر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڇهه مهينا قيد ۽ ٻه هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٿي سگهي ٿي- ٽڪيٽ نه وٺڻ جي صورت ۾ ريل جي شروعاتي هلڻ واري جڳهه کان ڪرايو ۽ ايترو ئي ڏنڊ به ادا ڪرڻو پوندو.

ٽڪيٽ گهر ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کان ٽڪيٽ خريد ڪرڻ به ڏوهه آهي.

**پاڪستان ريلوي**

# آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ آفيسر پارڪس
# ريڪريئيشن اينڊ اسپورٽس ڊي ايم سي (سينٽرل)

نمبر. ڊي. او (پي آر اينڊ ايس)/ڊي ايم سي- سينٽرل/99/57
تاريخ 30/9/1999

## سبجيڪٽ- آڪشن نوٽيس

فيڊرل بي ايريا ڪراچي جي بلاڪ-14 وٽ ٽن سالن جي مدي لاءِ سئمنگ پل هلائڻ جا حق ڊي. ايم. سي (سينٽرل) مين بلڊنگ شاهراهه ابن سينا ناظم آباد نمبر-2 ڪراچي ۾ 99-10-19 جي صبح جو ساڍي 11 وڳين پبلڪ آڪشن ذريعي ڏنا ويندا.

ٺيڪي جا شرط ۽ ضابطا ڊسٽرڪٽ آفيسر (پي آر ۽ ايس) ڊي ايم سي (سينٽرل)جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي، موڪل واري ڏينهن کانسواءِ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

سرڪاري آچ جي رقم/سئمنگ پول هلائڻ لاءِ مخصوص رقم =/6,00,000 روپيا فڪس ٿيل آهي.

آچ ڏيندڙن کي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن سينٽرل ڪراچي جي نالي ۾ =/1,50,000 روپين جو پي آرڊر آڪشن ڪاميٽي جي پرزائيڊنگ آفيسر وٽ جمع ڪرائڻو پوندو جيڪوسڀ کان وڏي آچ ڏيندڙ جي آچ واري رقم جي چوٿين حصي ۾ ائڊجسٽ ڪيو ويندو ۽ ناڪام آچ ڏيندڙن کي آڪشن پروسيڊنگس جي خاتمي بعد واپس موٽائي ڏنو ويندو.

سڀ کان وڏي آچ ڏيندڙ کي هتوڙي جي ڌڪ کانپوءِ آچ جو چوٿون حصو ادا ڪرڻو پوندو. نه ڏيڻ جي صورت ۾ =/1,50,000 روپين جي ڊپازٽ جيڪا آڪشن جي پرزائيڊنگ آفيسر وٽ جمع ٿيل آهي، ڪارپوريشن وٽ ضبط ڪئي ويندي ۽ ٺيڪي کي ري آڪشن ڪيو ويندو.

ڊي ايم سي (سينٽرل) کي حق حاصل آهي ته ڪنهن به هڪ يا سڀني آچن کي پبلڪ انٽريسٽ ۾ ڪنهن به سبب ٻڌائڻ کانسواءِ رد ڪري ڇڏي.

صحيح
**ڊسٽرڪٽ آفيسر**
پارڪس، ريڪريئيشن ۽ اسپورٽس
ڊي ايم سي (سينٽرل)

ڊي ايم سي/سي/آءِ اين ايف/99/155
انفرميشن/ڪراچي 2484/99

صحتمند معاشري جي تعمير ۾ بلديه ڪراچي (سينٽرل) سان تعاون ڪريو

# نوٽيس انوائيٽنگ ٽينڊرس

بلڊنگس ڊپارٽمنٽ وٽان مجيل اهڙن سرڪاري ٺيڪيدارن جن ڪئلينڊر سال 1999 لاءِ تجديدي فيس جمع ڪرائي آهي، ڪان شامل لسٽ ۾ ڏنل تفصيل وارن ڪمن لاءِ بي- I ۽ بي II فارمن تي مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا. ڪورا ٽينڊر فارم هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان روڪ پئسن (ناقابل واپسي) تي هر ٽينڊر فارم لاءِ جيئن هيٺ ڏيڪاريل آهي، حاصل ڪري سگهجن ٿا.جيڪو به ٽينڊر تان دستبردار ٿيندو يا ان ۾ ڪا ڦيرڦار ڪندو، پنهنجي سوٿي رقم سرڪار وٽ ضبط ڪرائيندو. ڪوبه ٽينڊر تيسين جاري نه ڪيو ويندو جيسين سوٿي رقم ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ، ٽريزري چالان ۾ جمع نه ڪرائي ويندي يا ڪوري ٽينڊر فارم حاصل ڪرڻ وقت ڊپازٽ ائٽ ڪال دستياب نه ڪيو يندو. سوٿي رقم روڪ پئسن جي صورت ۾ قابل قبول نه هوندي، مجاز اٿارٽي ڪنهن به هڪ يا سيني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو بناڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق حاصل رکي ٿي ۽ سندس فيصلو آخري هوندو.

وڌيڪ شرط هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ يا آفيس نوٽيس بورڊ تي ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي آفيس جي وقت دوران ڏسي سگهجن ٿا.

جاري ڪرڻ جي تاريخ 99-11-16، ‏ ‏ ‏ ‏ ڪلڻ جي تاريخ 99-11-17

درخواستن وصول ڪرڻ جي تاريخ 99-11-15

## لسٽ آف ٽينڊر ورڪ

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٿي رقم | تڪميل جي مدت | ٽينڊر جو ملهه |
|---|---|---|---|---|---|
| 1) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ لياقت آباد ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 2) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ لياقت آباد ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 3) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ لياقت آباد ڪراچي (ريزيڊنس) (ڊاڪٽر فليٽس) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 4) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ لياقت آباد ڪراچي (ريزيڊنس) (اسٽاف فليٽس) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 5) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ نيو ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 40,000/- | 800/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 6) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ نيو ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 40,000/- | 800/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 7) | ايم/آر ٽو سنڌ گورنمنٽ هاسپيٽل ائٽ نيو ڪراچي (ريزيڊنس) (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 40,000/- | 800/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 8) | ايم/آر ٽوناظم آباد چيسٽ ڪلنڪ ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 45,000/- | 950/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 9) | ايم/آر ٽوناظم آباد چيسٽ ڪلنڪ ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 40,000/- | 800/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 10) | ايم/آر ٽو ڊي ايچ او سينٽرل آفيس ڪراچي (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 11) | ايم/آر ٽو ڊي ايچ او سينٽرل آفيس ڪراچي (ريزيڊنس) (ڪلرنگ پينٽنگ، سينيٽري ورڪ، وڊ ورڪ) | 50,000/- | 1000/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 12) | ايم/آر ٽو جي او آرII-، ايس ايم سي ايچ ايس ڪراچي (انٽرنل ڪلرنگ/پينٽنگ، پي/ايف گئس برنر، ايگزاسٽ فين، واش بيسن فار فليٽ نمبر ڊي-1، آئي 99 ۽ اين-3). | 25,000/- | 500/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 13) | ايم/آر ٽو جي او آرII-، ايس ايم سي ايچ ايس ڪراچي (ڪليننگ آف اوورهيڊ واٽر ٽينڪ فار بلاڪ اي ٽو-ڪي). | 25,000/- | 500/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 14) | ايم/آر ٽو همايون هائوس گارڊن ويسٽ ڪراچي (رنوويشن آف باٿ روم، ڊبليو سي فار فليٽ نمبر-6). | 25,000/- | 500/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 15) | ايم/آر ٽو همايون هائوس گارڊن ويسٽ ڪراچي (ريپئر آف وڊ ورڪ اينڊ سينيٽري ورڪ). | 25,000/- | 500/- | هڪ مهينو | 150/- |
| 16) | ايم/آر ٽوجيڪب لائين ڪمپليڪس ڪراچي (انٽر ڪلرنگ/پينٽنگ اينڊ مائينر ورڪ فار فليٽ نمبر 6/2، 6/3 بلاڪ جي 4/5 بلاڪ اي). | 25,000/- | 500/- | هڪ مهينو | 150/- |

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
اليڪٽريڪل ڊويزن
ڪراچي

انفرميشن/ڪراچي-2596/99

# ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن

پڙهندڙ هن صفحن تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معياد اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.


لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾

هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

## ثناء بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 نومبر 1999 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي سلوار، قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

## ريئلائنس ٽيلرز

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پرپرائٽر: احمد علي حيدري

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 نومبر 1999 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي ڏندن جي بيمارين جو علاج تسلي بخش

ڊاڪٽر بشير احمد ڏهراج

## چيزل ڊينٽل ڪلينڪ

106 اي سليم سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال ڪراچي

فون: 465179-4985393

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 نومبر 1999 تائين هر مريض کي هر قسم جي علاج تي 10 سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

## نيشنل پيٿالاجيڪل ليباريٽري

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 نومبر 1999 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

سياسي- ادبي ۽ مذهبي ڪتابن جو مرڪز

## سنڌي بوڪ اسٽور

نئون ديرو

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 15 نومبر 1999 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي ڪتابن تي 25 سيڪڙو (25%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندارن، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليباريٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت" اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

لکپڙهه لاءِ:

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويچ، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

وڻن ويڄن وٽ، مون سڪين ته سکئو ٿيون (شاه)

ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿ ۾ هر مهيني پهچي ۽ سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

ته پوءِ:

- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي ساليانيءَ خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانيءَ خريداري جو چندو =/200 روپيا/ ڇهه ماهي خريداري جو چندو =/100 روپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو
- بئنڪ ڊرافٽ "ماهوار ويڄ" (Monthly WAIJ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ساليانيءَ خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور به موڪلي سگهو ٿا. اسان توهانجي دوست/ عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين ته رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نه هوندو. هر ساليانيءَ خريدار کي ساليانيءَ فيءَ جي بدلي رسالي جا 12 پرچا موڪليا ويندا.

# خريداري جو فارم

منهنجو/ منهنجي دوست / عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانيءَ / ڇهه ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.
مان ساليانو / ڇهه ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا / پنهنجي دوست/ عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ____________________

ائڊريس: ____________________

____________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ____________________

صحيح ____________ تاريخ ____________


Widest Range of
Fashion Nightwear
in Pakistan
The Wardrobe Essentials
Slips
Robes
Halfslips
Camisoles
Pyjamas
Great Choice of Fabrics
100% Cotton
Polyester/Cotton
Blend Silk Polyster
Available at leading stores of
LAHORE
H.Karim Buksh Liberty Market
H.Karim Buksh Defence
H.Karim Buksh Cavalry Grounds
H.Karim Buksh Moon Market
V.I.P Centre Liberty Market
Raja Sahib Link Road, Model Town
Alfatah Liberty Market
A.M. Hafiz & Co Anarkali
KARACHI
Sanaullah Tariq Road
Chase Defence,
Chase Clifton
Chase Gulshan
Gap Bahadarabad
Gap Gulshan
RAWALPINDI
Kelly's, Saddar
Life Style, Saddar
S.Ataullah, Saddar
B.h.s Jinnah Super Market
Cash Super Market
THROB
International